SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريه 1992

# SINDH ORDINANCE NO.II OF 1992

# سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) آرڊيننس، 1992

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 1992

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي دفعه58 جي ترميم
Amendment of Section 58 of Sindh Ordinance XII of 1979
3. ڪجهه ڪائونسلرن جي سپرسيشن جو عرصو
Period of supersession of Certain Councils

# سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريه 1992

# SINDH ORDINANCE NO.II OF 1992

# سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) آرڊيننس، 1992

## THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 1992

[18 اپريل، 1992]

تمهيد (Preamble)

آرڊيننس جنهن جي ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن ته سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي، جيڪو هن طرح هوندو؛

جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس نه هلي رهيو آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي.

هاڻي تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) موجب مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) آرڊيننس، 1992 سڏيو ويندو.

(2) هي في الفور لاڳو ٿيندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي دفعه58 جي ترميم
Amendment of Section 58 of Sindh Ordinance XII of 1979

2. سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1979 ۾ دفعه 58 جي ذيلي دفعه (1-A) هيٺ ڄاڻايل دفعه جو متبادل سمجهيو ويندو.

''(1-A) حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن جي ذريعي ذيلي دفعه (1) جي تحت عرصو وڌايو

ويندو پر هيءُ عرصو ڇهه مهينن کان وڌيڪ نه هوندو.“

کجهه ڪائونسلرن جي سپرسيشن جو عرصو
Period of supersession of Certain Councils

3. جتي هڪ ڪائونسل ان جي نگراني جي مدت جي پڄاڻي تي پيهر نه جوڙي وئي هجي، هن طرح جي ڪائونسل جي نگران جي مدت ۾ واڌ جي باوجود سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ شامل ڪنهن شئي جي، سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) آرڊيننس 1992 جي نافذ العمل ٿيڻ جي تاريخ کان لاڳو ۽ تصور سمجهيو ويندو.

نوٽ:- آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.